محمد قاسم راڄپر

# ٽيلي ويزن چئنلن تي سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ

# DISTRACTION OF SINDHI LANGUAGE ON T.V. CHANNELS


## ABSTRACT

Today Globalization with the improvement in the communication has changed the very outlook of globe. Local geographical boundaries have been invaded and corroded by the forces of the modern mass communication. This change has brought many traditional and conservative cultures, in direct exposure of the cultural invasion of different countries of east and west. Modern television has emerged as a strongest agent to disseminate programs carrying cultures of these countries.

In Pakistan, cable TV is the fastest growing medium of communication. Through this TV system the rural population has now gained access to the local as well as the foreign TV channels, which was not so earlier. Pakistan Television which is the state owned TV channel had been only option for these villagers.

In 2002 after the emergence of new media industry in Pakistan, KTN was the first Sindhi satellite TV channel which started satellite transmission in 2003. Now 8 Sindhi Television channels telecast news, views and entertainment programs round the clock. The new satellite culture has also challenged the linguistic phenomenon of Sindh by producing its own lingua franca which mixes English, Urdu and Sindhi. In this research paper I have discussed "Effects, issues and challenges thrown out for Sindhi Language on Television".


ٽيلي ويزن هن وقت عوام سان ڳانڍاپي جو سڀ کان وڏيڪ سگهارو ذريعو آهي. ٽيلي ويزن وسيلي چيل هڪ لفظ يا اسڪرين تي ڏيکاريل هڪ منظر هر عمر جي ماڻهوءَ جو ڌيان ڇڪائي ٿو. ڪيترا ئي سال گذرڻ جي باوجود ماڻهن کي اڄ بہ راڻيءَ جي ڪهاڻي، 'خان صاحب'، 'ديوارين'، 'جنگل'،('راڻيءَ جي ڪهاڻي')، 'آئينو'، 'سوال'، 'جياپو' ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ڊراما، انهن ڊرامن جا منظر ۽ مڪالما بہ ياد آهن. جديد تحقيق تہ اها ڳالهہ ثابت ڪئي آهي تہ برقي ابلاغ جي اوزارن، ريڊيي، ٽيلي ويزن، ٽيلي فون، موبائل ۽ ڪمپيوٽر وسيلي انسان پنهنجي نظرڪان وڌيڪ

تيزيءَ سان پيغام وصول ڪري سگهي ٿو. هزارين ميل ڏور ملڪن مان ٽيليفون، ڪمپيوٽر، ريڊيي ۽ ٽيلي ويزن وسيلي پيغام اک جي رفتار کان به تيزيءَ سان اسان تائين پهچي وڃي ٿو، ڇوته انساني اک وسيلي ڏسڻ جي به هڪ حد مقرر ٿيل آهي، پر پيغام رسائڻ وارن جديد اوزارن جي رفتار اک کان به گهڻي تيز آهي. سائنس جي ترقيءَ جتي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ انيڪ ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، اتي انهن سائنسي ايجادن جي غلط استعمال سان انسانن وڏيون تڪليفون به ڏنيون آهن. انسانن ظاهري طور تي اينٽمي توڙي ٻيا جديد هٿيار پنهنجي تحفظ لاءِ ٺاهيا آهن، پر جڏهن انهن جو غلط استعمال ٿئي ٿو ته پوءِ ناگا ساڪي ۽ هيرو شيما جهڙيون تباهيون اچن ٿيون. تنهن ڪري بنيادي ڳالهه سائنسي اوزارن ۽ جديد ايجادن جو مثبت ۽ درست استعمال نهايت اهميت جوڳو آهي. اڄ جڏهن اسان پنهنجي چؤطرف ڏسون ٿا ته هر پاسي اسان کي انٽرنيٽ ۽ موبائل فون جو استعمال نظر اچي ٿو. انٽرنيٽ جهڙي شاندار ايجاد دنيا کي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ آڻي ڇڏيو آهي. پر ٽين دنيا جي ملڪن ۾ اڄ ان جو درست استعمال سڀ کان وڏو سوال آهي.؟ اهڙيءَ ريت ٽيلي ويزن وسيلي صحيح ۽ غلط معلومات ۽ تفريح جي فراهميءَ وارو موضوع به سماجي ماهرن وٽ ڊگهي عرصي کان بحث هيٺ آهي. سڌريل ملڪن ته ٽيلي ويزن جي ايجاد سان گڏ ئي ان جي هاڪاري ۽ ناڪاري پاسن تي تحقيق ڪئي هئي، پر اسان جهڙن پوئتي پيل ملڪن ۾ ان طرف گهڻو ڌيان نه پيو ڏنو وڃي. انگريزيءَ ۾ ان سلسلي ۾ چڱو موچارو ڪم نظر اچي ٿو. پر بدقسمتيءَ سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽيلي ويزن جي پروگرامن يا ڊرامن جي اثرن بابت تحقيقي ڪم تمام گهٽ ٿيو آهي. جيئن ته هتي اسان جي بحث جو موضوع ٽيلي ويزن پروگرامن خاص طور تي سنڌي ڊرامن ۾ ٻوليءَ جو وڌندڙ بگاڙ آهي، تنهن ڪري اسان پاڻ کي ان تائين محدود رکنداسين.

ٻولي انسان جو فطرتي ۽ قدرتي ورثو آهي، جيڪو انسان ذات کي خلقڻهار پاران شروع کان ئي عطا ٿيو آهي. اهو ورثو انسان جي ترقيءَ سان گڏ اڳتي وڌي ٿو. تهذيبي ترقيءَ جو واسطو به ٻوليءَ جي ترقيءَ سان لاڳاپيل آهي. اها ڳالهه تسليم ٿيل آهي ته دنيا جون سموريون ٻوليون، ان علائقي جي علمي، ادبي، تهذيبي، اقتصادي ۽ صحافتي سازگار ماحول ۾ وڌنديون آهن. ڌار ڌار علمن ، سائنسي ايجادن ۽ ٽيڪنالاجيءَ وسيلي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪنديون آهن. هر قوم لاءِ ٻولي رابطي جو سڀ کان اثرائتو وسيلو رهي آهي. هاڻي جڏهن اطلاعاتي ذريعا اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سگهارا ٿيا آهن ته ٻوليءَ جي اهميت اڃا به وڌي آهي. سنڌي ٻولي نشري ٻوليءَ کان هڪ وک اڳتي وڌائي انٽرنيٽ جي ٻولي ٿي چڪي آهي. اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ علمي، ادبي، تهذيبي ۽ صحافتي سازگار ماحول تمام گهڻو ضروري هوندو آهي. ڌار ڌار علمن، هنرن، ايجادن، چاڻ ۽

ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعن مان معلومات جي مٽا سٽا ڪري ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ترقيءَ جو بندو بست ڪري سگهجي ٿو. هن وقت جڏهن سڏ سماءُ جي مڙني وسيلن ۾ ٽيلي ويزن سڀ کان وڌيڪ اثرائتو ذريعو بڻيل آهي. اتي مختلف ٻولين تي ان جا ناڪاري اثر بہ هڪ وڏو سوال آهن. اطلاعاتي ترقيءَ واري هن دؤر ۾ سنڌي ٽيلي ويزن چينلن جي ٻوليءَ تي سخت تنقيد ٿي رهي آهي.

## پاڪستان ۾ ٽيلي ويزن ڊرامن جي شروعات

1964ع ۾ پاڪستان ۾ ٽي وي نشريات شروع ٿيڻ سان گڏ ئي ٽي وي ڊراما وجود ۾ آيا. حڪومتي ڪنٽرول جي ڪري پي ٽي وي خبرن جي سلسلي هميشہ عوام کي پوئتي رکيو ۽ ان تان صرف حڪمرانن جي سرگرمين تي ٻڌل خبرون ڏنيون ويون. جڏهن تہ ان جي ابتڙ ڊرامن ۾ عوامي امنگن ۽ روايتن جو خيال رکيو ويو. تنهن ڪري ڊرامي جي ترقي ۽ ترويج لاءِ پي ٽي ويءَ جو ڪردار خبرن کان وڌيڪ اهم رهيو. بقول حميد ڪاشميريءَ جي تہ ”ڊرامو پي ٽي ويءَ جو بنياد آهي، ان کي ڪنهن بہ صورت ۾ ٽي ويءَ کان ٻاهر ڪيئي نہ ٿو سگهجي. ٽي ويءَ جي عزت ڊرامو آهي“.[1]

شروعاتي ڏينهن ۾ ٽيلي ويزن جهڙي نئين اطلاعاتي وسيلي جي آمد سان گڏ ان جي فني رخن کان واقفيت نہ هئڻ سبب ڊرامن جا مسودا حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿي. تنهن زماني ۾ ڊرامن جا مسودا ٽن طريقن سان حاصل ڪيا ويا. پهريون وسيلو تہ اسٽيج ڊراما هئا ۽ ٻيو ريڊيو ڊراما هئا، جن ۾ ڪجهہ تبديلي ڪري ان ۾ ٽي وي ڊرامن جون فني ضرورتون شامل ڪري اسڪرين تي پيش ڪيا ويا. پر سڀ کان وڌيڪ اهم ڪم ناليوارن اديبن کان ڊراما لکرائي پاڪستان ۾ ڊرامن جي هڪ نئين صنف متعارف ڪرائي وئي.

ٽيلي ويزن ڊرامو آرٽ آهي ۽ ادب جو حصو هئڻ سبب ٻين صنفن جي مقابلي ۾ ڪنهن بہ ريت گهٽ ناهي. ڊرامو جيڪڏهن ٿيٽر ۾ پيدا ٿيو، ٻاراڻي وهي هن ريڊيو تي گذاري تہ جواني وري ٽي ويءَ تي ماڻي. اسٽيج ۽ ريڊيو جي ڀيٽ ۾ ٽي وي ڊرامو تمام گهڻو طاقتور آهي. جنهن جو اثر رابطي جي ٻين سمورن وسيلن کان تيز آهي. ٽي وي ڊرامو فقط تفريح ناهي، پر ان کي جاڳرتا جي سلسلي ۾ بہ استعمال ڪيو ويو آهي. ڊرامي جو اثر ايترو تيز آهي جو هاڻي اهو گهريلو زندگيءَ تي تمام گهڻو اثر انداز ٿي رهيو آهي. عورتون هار سينگار، فيشن، گهرن جي سجاوٽ وغيره بہ ٽي وي ڊرامن کان متاثر ٿي ڪن ٿيون. جڏهن تہ نوجوان طبقو پنهنجي اٿڻي ويهڻيءَ ۾ ڊرامي کان تمام گهڻو متاثر نظر اچي ٿو.

پي ٽي ويءَ جي شروعاتي ڏينهن کان پڙهيل لکيل اديب، ناٽڪ نويس ۽ شاعر هن اداري سان سلهاڙجي ويا. جن پنهنجي تخليقن سان پي ٽي وي کي شاهڪار

ڊراما بہ ڏنا. شروع ۾ ڪجهہ اسٽيج ۽ ڪجهہ ريڊيو ڊراما بہ پي ٽي ويءَ تان ٽيليڪاسٽ ٿيا. شروع واري دؤر ۾ پي ٽي ويءَ جا ڊراما رڪارڊ ڪرڻ جي سهولت نہ هوندي هئي، جنهن ڪري اهي سٽيج ڊرامن وانگر ٿيندا هئا. پي ٽي ويءَ تان سڀ کان پهريون ڊرامو’ نذرانہ‘ پيش ڪيو ويو. جيڪو نجمہ فاروقيءَ لکيو ۽ فضل ڪمال پروڊيوس ڪيو. ان دؤر ۾ ٻيو مشهور ڊرامو ’ڪنڊر‘ پيش ڪيو ويو، جيڪو مختار صديقيءَ لکيو ۽ آغا ناصر پيش ڪيو.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽيلي ويزن ڊرامن جي اوسر

پاڪستان ٽيلي ويزن جي نشريات جو دائرو وسيع ڪرڻ لاءِ صوبن جي گاديءَ جي هنڌن ۾ ٽي وي مرڪز قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ ٽي وي مرڪز جو افتتاح نومبر 1967ع تي ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ پهريون ٽي وي پروگرام’ رس رهاڻ ‘ 22 جنوري 1970ع تي پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ پيش ڪيو. اهڙيءَ ريت سنڌيءَ ۾ پهريون ٽي وي پروگرام پيش ڪرڻ جو اعزاز بہ کيس حاصل ٿيو.

## ’زينت ‘، پي ٽي ويءَ جو پهريون سنڌي ڊرامو

پاڪستان ٽيلي ويزن جي انتظاميا جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڊراما پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو تہ ساڳيو اردو ڊرامن وارو مسئلو پيدا ٿيو تہ اهي ڊراما لکندو ڪير؟ پر جيئن تہ عبدالڪريم بلوچ پهريان ريڊيي تي صداڪار ۽ پروڊيوسر جي حيثيت سان ڪم ڪري چڪو هو، تنهن ڪري هن کي ريڊيو ڊرامن جي گرامر جي ڄاڻ هئي، جنهن اها ڄاڻ تنهن دؤر جي اديبن ۽ ڪهاڻيڪارن کي ڏني. پاڪستان ٽيلي ويزن جي پهرئين سنڌي ڊرامي لاءِ مرزا قليچ بيگ جي ناول ’ زينت ‘ کي شمشير الحيدريءَ ڊرامي جو روپ ڏنو، جيڪو ٽن قسطن تي هو. ان ڊرامي جو هدايتڪار ۽ پيشڪار بہ عبدالڪريم بلوچ هو. ’ زينت ‘ ڊرامي جي پهرين قسط 29 جنوري 1970ع تي پيش ڪئي وئي. جڏهن تہ ٻي قسط 5 فيبروري 1970ع ، ٽين ۽آخري قسط 12 فيبروري 1970ع تي پيش ڪئي وئي. هر قسط 25 منٽن تي ٻَڌل هئي. ان ڊرامي جو احوال بلوچ صاحب هن ريت لکيو آهي. ”ٻئي پروگرام لاءِ تياري شروع ڪيم، هاڻ ڊرامو ڪرڻو هو سو بہ قسطوار. انهيءَ لاءِ مون مرحوم شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جن جي ناول زينت جو انتخاب ڪيو ۽ ڊرامائي تشڪيل جو ڪم جناب شمشير الحيدريءَ کي سونپيم. مکيہ ڪردارن زينت لاءِ پيرڻ غزالا رفيق (مرحومہ) ۽ علي رضا لاءِ قربان جيلاني (مرحوم) جو انتخاب ڪيو ويو. ٻين ڪردارن ۾ عبدالرحمان ميمڻ، عبدالحق ابڙو، ڪامران پٽي، ممتاز پنهور، محمد صديق مغل، پروين عيساڻي،

بلقيس سيد، زبير نوناري، زيبو ۽ ڪيترائي بيا فنڪار هئا. تنهي قسطن کي ڪهاڻي، ڊرامائي روپ، اداڪاري ۽ پرا ڊڪشن جي لحاظ کان بيحد پسند ڪيو ويو“. [2]

## پهريون اصلوڪو سنڌي ٽيلي ويزن ڊرامو:

پي ٽي ويءَ جا پهريان ٻئي ڊراما ’زينت‘ ۽ ’هيءَ جيون هيءُ سپنا‘ اصلوڪا ڊراما نہ هئا. اهڙيءَ ريت ٽيون ڊرامو ’خواب جوسورج‘ بہ اصلوڪو ڊرامو نہ هو. اهو ڊرامو گورڪيءَ جي ناول تان ورتل هو. جڏهن تہ ٽي ويءَ جو پهريون اصلوڪو ڊرامو امر جليل جو لکيل ’ اونده ۽ روشني‘ هو. جيڪو 11، جون 1970ع تي عبدالڪريم بلوچ پيش ڪيو. بلوچ صاحب ان ڊرامي بابت لکي ٿو تہ ”هن ڊرامي ۾ بہ مکيہ ڪردار غزالا رفيق (مرحوم) ۽ قربان جيلاني (مرحوم) ادا ڪيا. ساڻن ٽيون ڪردار رشيد هميراڻيءَ ڪيو. هيءَ ڊرامو بلوچي زبان ۾ ترجمو ٿي ڪوئٽہ سينٽر تان پڻ پيش ٿيو. امر جليل جي لکيل ڊرامي ’ماءُ‘ کي پي. ٽي وي (پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن) کان انعام مليو. هن ڊرامي ۾ انڌيءَ ماءُ جو ڪردار غزالہ رفيق ۽ (مفرور قيدي) پٽ جو ڪردار وسيم ڪيو، هيءُ پهريون سنڌي ڊرامو هو، جيڪو پاڪستان جي سمورين اسٽيشنن تان هلايو ويو ۽ پروڊيوسرن کي هدايت ڪئي ويئي تہ انهيءَ کي ضرور ڏسن“. [3]

## موجوده دؤر ۾ ٽيلي ويزن جي اهميت:

2008ع ۾ بي بي سيءَ ٽيلي ويزن چئنلن جي مقبوليت بابت هڪ سروي جاري ڪئي. اها پنهنجيءَ نوعيت جي منفرد رپورٽ آهي. 2008ع ۾ ٿيل ان سروي وسيلي اها ڳالھ سامهون آئي هئي تہ پاڪستان ۾ سيٽلائيٽ ٽي وي چئنلز تيزيءَ سان پير کوڙي رهيا آهن، جنهن سبب سڄ سماءُ جي مڙني وسيلن مان ماڻهن جي سڀ کان وڏيڪ رسائي ٽيلي ويزن تائين آهي. اها شرح شهرن اندر 96 سيڪڙو (مرد) ۽ 96 سيڪڙو (عورتون)، جڏهن تہ ٻهراڙين ۾ اها شرح ترتيب وار 87 سيڪڙو ۽ 79 سيڪڙو آهي. سنڌ اندر سڄ سماءَ جي مڙني وسيلن ۾ ٽيلي ويزن سڀ کان وڏيڪ مقبول وسيلو آهي. جڏهن تہ ان کانپوءِ ريڊيو (سراسري طور 39 سيڪڙو) ۽ اخبارون (سراسري طور 37 سيڪڙو) ماڻهو پڙهن ٿا.

پاڪستان ۾ ڪيبل ٽيلي ويزن (CTV) جي شروعات 2002ع کان ٿي، جڏهن پاڪستان اليڪٽرانڪ ميڊيا ريگيوليٽري اٿارٽي (پيمرا) لائسنس جاري ڪرڻ شروع ڪيا. پهرئين سال سڄي پاڪستان ۾ 900 لائسنس جاري ڪيا ويا، جڏهن تہ پيمرا جي 2010ع ۾ جاري ڪيل رپورٽ موجب سڄي ملڪ ۾ 2500 ڪيبل آپريٽرن کي لائسنس جاري ڪيا ويا آهن. ڪيبل/ سيٽلائيٽ ٽي ويءَ جي ترقيءَ جا سنڌي

ٽيلي ويزن چئنلن تي بہ اثر پيا آهن. هن وقت سڄي پاڪستان ۾ صوبائي ٻولين مان سڀ کان وڌيڪ اخبارون ۽ رسالا سنڌيءَ ۾ شايع ٿين ٿا، جن جي پڙهندڙن جو ڳاٽيتو ٻين صوبائي ٻولين کان تمام گھڻو آهي. ساڳئي ريت جڏهن ٽيلي ويزن چئنلن ۾ تعداد ۽ لوڪ پسند جي لحاظ کان صوبائي ٻولين ۾سڀ کان وڌيڪ ٽي وي چئنل سنڌيءَ ۾ آهن. جن جو تعداد هن ريت آهي.

**چارٽ نمبر: 1**

| سيريل نمبر | ٽي وي چئنل جو نالو | ڪيفيت |
|---|---|---|
| 1 | ڪي ٽي اين | تفريحي |
| 2 | ڪي ٽي اين نيوز | خبرون |
| 3 | سنڌ ٽي وي | تفريحي |
| 4 | سنڌ ٽي وي نيوز | خبرون |
| 5 | ڪشش | تفريحي |
| 6 | آواز | تفريحي/ خبرون |
| 7 | مهراڻ | تفريحي/ خبرون |
| 8 | ڌرتي | تفريحي/ خبرون |

پاڪستان اليڪٽرانڪ ميڊيا ريگيوليٽري اٿارٽي (پيمرا)جي رڪارڊ موجب هن وقت پاڪستان ۾ 91 سيٽلائيٽ ٽي وي چئنلن کي لائسنس جاري ٿيل آهن. جن مان ڇئن چئنلن اڃا نشريات شروع نہ ڪئي آهي، باقي 79 چئنلن جي نشريات جاري آهي. جڏهن تہ باقي چئنلن مان ڪجھ چئنل نشريات جي تياري ڪري رهيا آهن ۽ ڪجھ جا لائسنس في ادا نہ ڪرڻ سبب رد ٿيل آهن. سنڌيءَ ۾ 8 سيٽلائيٽ ٽي وي چئنل نشريات ڏيکاري رهيا آهن. جڏهن تہ ان جي ڀيٽ ۾ پنجابي، پشتو، بلوچي ۽ سرائيڪي ٻولين جي چئنلن جو انگ تمام گھٽ آهي. تفصيل لاءِ هيءُ چارٽ ڏسو.

**چارٽ نمبر: 2**

| سيريل نمبر | ٽي وي چئنل جو نالو | ٻولي | ڪيفيت |
|---|---|---|---|
| 1 | اپنا چئنل | پنجابي | تفريحي/ خبرون |
| 2 | پنجاب ٽي وي | پنجابي | تفريحي/ خبرون |
| 3 | راوي ٽي وي | پنجابي | خبرون |
| 4 | ڪي 2 | پنجابي، پوٺوهاري، سرائيڪي | تفريحي |
| 5 | اي وي ٽي خيبر | پشتو | تفريحي |
| 6 | خيبر نيوز | پشتو | خبرون |
| 7 | پشتو ون | پشتو | تفريحي/ خبرون |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 8 | وش ٽي وي | بلوچي | تفريحي/ خبرون |
| 9 | روهي | سرائيڪي | تفريحي |
| 10 | وسيب | سرائيڪي | تفريحي/ خبرون |

چارٽ نمبر 1 ۽ 2 جو جائزو وٺڻ مان معلو ٿئي ٿو تہ سڀ کان وڌيڪ ٽي وي چئنل سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن. پاڪستان جي صوبائي ٻولين جي چئنلن جي درجي بنديءَ لاءِ گيلپ سروي پاران جيڪي انگ اکر جاري ڪيا ويا آهن، اهي نہ رڳو حيران ڪندڙ پر فخر جوڳا بہ آهن. 1998ع جي آدمشماريءَ موجب پاڪستان ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ 14 سيڪڙو، پنجابي ڳالهائيندڙ 44 سيڪڙو، پشتو ڳالهائيندڙ 14 سيڪڙو ۽ بلوچي ڳالهائيندڙ 3.5 سيڪڙو آهن. پر سڀ کان وڌيڪ ٽيلي ويزن چئنل سنڌيءَ ٻوليءَ جا ڏنا وڃن ٿا. وڌيڪ تفصيل لاءِ هيءُ چارٽ پڙهو.

چارٽ نمبر: 3

**پاڪستان ۾ علائقائي ٻولين جا ٽي وي چئنل ڏسندڙ**




(ذريعو: گيلپ ميڊيا سائبر ليٽر 2012)

مٿين انگن اکرن مان ظاهر آهي تہ جيڪڏهن سنڌيءَ کانسواءِ ٻين سمورين ٻولين جي ڏسندڙن جو تعداد پاڻ ۾ ملايو وڃي، تڏهن بہ سنڌي ٽيلي ويزن چئنل ڏسندڙن جو تعداد سڀ کان وڌيڪ آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ، واڌاري ۽ سڌاري لاءِ اسان کي سڀ کان وڌيڪ ذميداريءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

## پي ٽي ويءَ جي سنڌي ڊرامن جي ٻولي:

سنڌ جي وڏي براڊ ڪاسٽر عبدالڪريم بلوچ سنڌي ٽيلي ويزن نشريات جو بنياد رکيو، جيڪو ان کان اڳ ريڊيو حيدرآباد تي صداڪار ۽ پروڊيوسر جي حيثيت

سان ڪم ڪري چڪو هو. تنهن دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو مرڪز بہ حيدرآباد هئي. سنڌ جا مکيہ علمي ۽ ادبي ادارا بہ حيدرآباد ۾ هئا. جتي سنڌ جا وڏا عالم ۽ اديب سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي آبياري ڪندا هئا. انهن عالمن، اديبن، ٻوليءَ جي ماهرن جي صحبت ۾ رهي عبدالڪريم بلوچ جو سنڌي ٻوليءَ سان لڳاءُ فطري هو.هن پنهنجي اها روايت ڪراچي ٽيلي ويزن مرڪز تي بہ برقرار رکي.ٻيو تہ سنڌيءَ ۾ ٽيلي ويزن پروگرامن جي بانين ۾ پير حسام الدين راشديءَ ۽ شمشير الحيدريءَ جهڙا عالم، اديب ۽ ٻوليءَ جا گهڻ گُهرا هئا. جن کي سنڌي ٻوليءَ جي نشري هئڻ تي فخر تہ هيو ٿي پر انهن کي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري، سڌاري ۽ تحفظ جو احساس هر وقت هو. ريڊيي حيدرآباد واري روايت کي برقرار رکندي پي ٽي ويءَ تي بہ سنڌيءَ جي ”ساهتي لهجي“ کي معياري قرار ڏئي، برقرار رکيو ويو. اهڙيءَ ريت سنڌيءَ ۾ ٽيلي ويزن جي نشريات سنڌي ٻولي ۽ ادب جي عاشقن جي ڪوشش سان معياري لهجي ۾ ٿي. اهو ڪارنامو عبدالڪريم بلوچ جهڙي علم، ادب ۽ فن دوست شخصيت سرانجام ڏنو. جنهن سنڌي ٻولي جي معياري لهجي کي برقرار رکڻ لاءِ جيڪا لٺ پهرين ڏينهن کنئي ان مان رٽائرمينٽ تائين هٿ نہ ڪڍيائين. هن سنڌ مان چونڊي چونڊي عالم، اديب، شاعر، فنڪار، سگهڙ، سازندا، شاهہ جا پارکو، ٻوليءَ جا ماهر ٽيلي ويزن تي متعارف ڪرايا. جنهن لاءِ ڪيس سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽيلي ويزن نشريات جو ”باني“ ۽ ”ابو“ سڏڻ گهرجي. ان دؤر جي سيني وڏن ڪهاڻيڪارن، ناٽڪ نويسن ۽ شاعرن ٽيلي ويزن لاءِ لکيو، هڪ تہ ٽيلي ويزن، ريڊيو جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پرڪشش ۽ تيز ترين موا صلاتي سرشتو هو.جنهن وسيلي ڏسندڙن تائين پيغام تمام گهڻو تيز رسي رهيو هو. ٻيو تہ ريڊيي جي ڀيٽ ۾ اديبن کي تخليق جو اُجورو بہ وڌيڪ ملندو هو، ان ڪري اديبن، ناٽڪ نويسن ۽ شاعرن جو رجحان ٽي ويءَ طرف وڌيو. شمشير الحيدريءَ ڪانپوءِ علي بابا، آغا سليم، امر جليل، ممتاز مرزا، مراد علي مرزا، يوسف شاهين، قاضي خادم، قمر شهباز جهڙن ناٽڪ نويس نج سنڌي ٻوليءَ ۾ ناٽڪ لکيا، جيڪي گهڻي ڀاڱي عبدالڪريم بلوچ پيش ڪيا تہ انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو خاص خيال رکيو ويو.

1975ع ۾ ممتاز مرزا پاڪستان ٽيلي ويزن تي ’اسڪرپٽ ايڊيٽر‘ طور ذميواري سنڀالي. هو ان کان اڳ ريڊيو حيدرآباد تي انچارج پروڊيوسر هو، هن جي تربيت ريڊيو حيدرآباد تي سندس والد مرزا گل حسن ’احسن‘ ڪربلائي جهڙيءَ شخصيت ڪئي، جيڪو تڏهن ريڊيو حيدرآباد تي اسڪرپٽ ايڊيٽر ۽ اُچار چڪاسيندڙ هو. نشري مسودن جي ايڊيٽنگ ممتاز مرزا کي ورثي ۾ ملي هئي.ان کانسواءِ سنڌي ٻولي، ادب ۽ شاهہ لطيف جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي صحبت بہ کيس حاصل رهي. ٻيو تہ ايستائين هو ريڊيو جو بهترين ناٽڪ نويس طور پاڻ بہ مڃائي چڪو هو. عبدالڪريم بلوچ کانپوءِ گهڻا ناٽڪ نويس، شاعر ، اديب،

سگهڙ ۽ فنڪار سندس ڪوشش سان ٽيلي ويزن تي آيا.

ريڊيو پاڪستان ڪانپوءِ پاڪستان ٽيلي ويزن سنڌي نشري ادب خاص طور تي ڊرامي جي ترقيءَ ۾ مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي. عبدالڪريم بلوچ جيڪو ھوتو 1970ع ۾ لڳايو هو، اهو سندس ساٿي پروڊيوسرن: ممتاز مرزا، غلام حيدر صديقي، هارون رند، منظور قريشي ، محمد بخش سميجي، بيدل مسرور ، فيض ٻگهئي ، اعجاز عليم عقيلي ۽ ٻين جي ڪوشش سان ٿوري ئي عرصي ۾ وڏي وڻ ٿيو. شمشير الحيدريءَ ، علي بابا، آغا سليم، امر جليل، ممتاز مرزا، مراد علي مرزا، يوسف شاهين، قاضي خادم، قمر شهباز ڪانپوءِ علي محمد مجروح، نورالهدي شاهہ، شوڪت حسين شوري، عبدالقادر جوڻيجي، اياز عالم ابڙي، ڪيهر شوڪت، بادل جمالي، زيب سنڌي، ملڪ آگاڻي، نور گهلو، منير چانڊيي، آغا رفيق، محمود مغل، امداد حسيني، طارق عالم ابڙي جهڙا وڏا ڪهاڻيڪار ٽي ويءَ لاءِ ڊراما لکڻ لڳا. جڏهن تہ شاعرن جو هڪ وڏو تعداد بہ پي ٽي ويءَ سان سلهاڙجي ويو. ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌي ٽيلي ويزن ڊرامي پنهنجي منفرد حيثيت پاڪستان ٽيلي ويزن جي سمورن مرڪزن تي مڃائي ورتي.

شروعاتي ڏينهن ۾ پاڪستان ٽيلي ويزن جي ڊرامن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ان جي معياري لهجي جو خاص خيال رکيو ويو. ان ۾ نہ رڳو ناٽڪ نويسن، پر پروڊيوسرن ۽ فنڪارن جي محنت شامل آهي. ڇوتہ ٽي وي ڊرامو لکجڻ ڪانپوءِ ان کي عملي طور اسڪرين تي ڪري ڏيکارڻ ۾ ٽي وي پروڊيوسر، ٽيڪنيڪي عملي ۽ فنڪارن جو اهم ڪردار هوندو آهي. اهڙيءَ ريت گڏيل محنت سان ئي ڪو شاهڪار تخليق ٿيندو آهي. پي ٽي وي جي سڃاڻپ هميشہ ڊراما رهيا آهن ۽ ان ڏس ۾ سنڌي شعبي بہ پاڻ مڃايو آهي. پي ٽي ويءَ جي ڊرامن ۾ هميشہ نج سنڌي ادبي ٻوليءَ جي استعمال تي زور ڏنو ويو.

اهڙي نموني جڏهن پي ٽي ويءَ تان سنڌي ٻوليءَ ۾ روزانيون "خبرون" نشر ٿيڻ لڳيون تہ ان ڏس ۾ بہ سنڌيڪارن ۽ خبرن پڙهندڙن کي خاص هدايتون جاري ڪيون ويون، تہ سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۽ اُچارن جو خاص خيال رکيو وڃي. ان سلسلي ۾ جناب شمشير الحيدري، سليم ميمڻ، رشيد هميراڻي، ممتاز شيخ، تاج بلوچ، الله بچائي ميمڻ ۽ ٻين خاص خيال رکيو.

## سنڌي ٻوليءَ جو وڌندڙ بگاڙ:

اهڙن وڏن ڪهاڻيڪارن، اديبن، شاعرن، ٻوليءَ جي ماهرن جي هوندي بہ نشري ادارن (ريڊيو ۽ ٽيلي ويزن) تي سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ جون شڪايتون ڊگهي وقت کان رهيون آهن. اسان وٽ عام طور تي ٻوليءَ جو بگاڙ ان کي سمجهيو ويندو آهي تہ ان ٻوليءَ ۾ ڪنهن ڌاريءَ ٻوليءَ جا لفظ شامل ٿي رهيا آهن. جنهن کي عالمن ٻوليءَ جو

بگاڙ نہ پر هڪ ٻوليءَ جي ٻيءَ ٻوليءَ کان اوڌر ورتڻ سڏيو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ : ”ٻولين جو، اهڙيءَ طرح هڪ ٻئي کان لفظ اُڌارا وٺڻ ۾ ڪو بہ عيب ڪونهي. بلڪ اها تہ هڪ سڌريل ۽ شاهوڪار ٻوليءَ جي خوبي آهي. دنيا جون سڌريل ۽ شاهوڪار ٻوليون هميشہ هڪ ٻئي کان لفظ اُڌارا وٺنديون رهنديون آهن. لفظن جي اُڌاري وٺڻ واري انهيءَ عمل کي، ٻولين جي لغات ۾ واڌارو چئبو ۽ نہ ڪہ ٻوليءَ جو بگاڙ. ٻوليءَ جو بگاڙ يا ٻوليءَ کي بگاڙڻ ان عمل کي چئبو آهي، جڏهن ڪنهن بہ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ، اديب ۽ شاعر، پنهنجي ٻوليءَ جي صوتياتي آوازن جو غلط اُچار ڪن، ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ غلط نموني سان ڦير ڦار ڪن.ٻوليءَ جي لغوي خزاني يعني لفظن جي وياڪرڻي ڍانچي يعني صرفي ۽ نحوي قاعدن ۽ قانونن کي پنهنجي مرضيءَ سان يا قانونن جي ڄاڻ نہ هئڻ سبب، غلط نموني استعمال ڪن يا لفظ جي واحد ۽ جمع صورتن ناهڻ وارن اصولن کان اڻ ڄاڻ هجن“.[4]

سنڌي ٻولي اختياريءَ جي سيڪريٽري تاج جويو بہ غلام علي الانا صاحب واري راءِ جو آهي تہ ”هر ٻولي ڌار ڌار سماجن جي اثرن، واپاري، اقتصادي ۽ تهذيبي لاڳاپن، مذهبي ناتن ۽ لڏ پلاڻ جي واقعن کان متاثر ٿيندي رهندي آهي. انهيءَ نموني ٻوليون پنهنجا اثر ٻين ٻولين تي ڇڏينديون آهن، ۽ ساڳيءَ طرح پاڻ بہ قبولينديون رهنديون آهن، اهو هڪڙو فطري ۽ سياويڪ عمل آهي، جنهن وسيلي ٻوليون هڪ ٻئي کان لفظ اڌارا وٺنديون ۽ پنهنجو دامن وسيع، شاهوڪار ۽ ڪشادو ڪنديون آهن. اها لفظن جي ڏي وٺ صدين کان جاري آهي ۽ صدين تائين جاري رهندي ايندي، ۽ اِنهيءَ ڏي وٺ ۽ اوڌر کي روڪڻ يا اُن جي اڳيان هٺرادو بند ٻڌڻ ۽ آڏون ڏيڻ، ٻولين جي فطري اوسر ۽ واڌ کي روڪڻ جي برابر ٿيندو.“[5]

سنڌي ٻوليءَ جي وڌندڙ بگاڙ جي معاملي تي سنڌ جي سمورن عالم ۽ اديبن کي تمام گهڻي ڳڻتي رهي آهي. 30 مئي 1992ع تي بدين ۾ ’ ٻارڙو ۽ سنڌي ٻولي‘ جي عنوان سان ٿيل سيمينار ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو هو تہ ”تاريخ جي هن موڙ تي سنڌي زبان کي صحيح نموني ۾ لکڻ، پڙهڻ يا ڳالهائڻ جا مسئلا اچي پيدا ٿيا آهن. پر سڀ کان وڌو ۽ خطري وارو مسئلو ٻوليءَ جي بگاڙ جو آهي، جنهن کي نہ روڪيو ويو تہ اهو ٻوليءَ جي اندروني زوال جو سبب بڻبو. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي وڌندڙ بگاڙ طرف فوري توجهہ ڏنو وڃي...... موجوده دؤر ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي کي عام اطلاعاتي نظام ۾ خاص اهميت حاصل آهي. خبرن نشر ڪرڻ، ڊرامن يا ٻين پروگرامن ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. تنهن کي لکين ماڻهو ٻڌن ٿا. .... انهيءَ ڪري جيڪڏهن غلط ٻولي استعمال ٿئي ٿي تہ ان جو سبق سيني کي ملي ٿو. ضروري آهي تہ ريڊيو ۽ ٽي وي جهڙا شاناٿا ۽ اهم ادارا صحيح سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جي ذميداري قبول ڪن ۽ ان لاءِ خاص

بندو بست ڪن. جيئن سهڻي ٻوليءَ سان بگاڙ جي راهه بند ڪري سگهجي.”[6]

جيئن مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته پاڪستان ٽيلي ويزن تي سنڌي ٻولي جي تحفظ، سڌاري ۽ واڌاري لاءِ انفرادي طور ڪي جوڳا اپاءَ ورتا ويا هئا، پر تنهن جي باوجود محققن ان تي تنقيد ڪئي آهي. لوڪ ادب جي ڄاڻو ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي لکيو آهي ته ”جنهن تيزيءَ سان غير فطري انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ کي بگاڙيو پيو وڃي، اُن مان وڏو خطرو اهو به آهي ته ڪٿي ايئن نه ٿئي جو اڄ جو لکجندڙ ادب، سرجيندڙ شاعري ۽ ڳالهائجندڙ ٻولي، ڏهن سالن کانپوءِ اسان جو نئون نسل صحيح نموني سان پڙهي به نه سگهي“.[7]

پي ٽي ويءَ جي سنڌي ڊرامن ۾ ٻوليءَ جي بگاڙ جي حوالي سان به تنقيد ٿيندي رهي آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي پنهنجي مضمون ”پاڪستان ٽيلي ويزن ۽ ويچاري سنڌي ٻولي“ ۾ لکيو آهي ته : ”ڊرامي ۾ جتي بهتر ٻولي ڪتب آندي وڃي ٿي، اُتي اُن حوالي سان ڪچايون به ڏسڻ ۾ اينديون. مثال طور: جيڪڏهن چانهه ڪٽڻ جو ڏيک، ڏيکاريو ويندو آهي ته، چانهه پيئڻ جي صلاح هن ريت ڪئي ويندي آهي. ’سائين چانهه وٺو!‘ جڏهن ته سنڌيءَ ۾ ’ چانهه پيئو‘ چيو ويندو آهي، ۽ چانهه دڪان تان وٺبي آهي. اهڙيءَ ريت ’مانيءَ لاءِ به ماني کائو‘ نه پر ’ ماني وَٺو‘ استعمال ڪيو وڃي ٿو. ’بابا ڊرائيور کي چَئُہ ته گاڏي ڪڍي اچي‘ ڊرائيور گاڏي ڪڍي نه پر ڪاهي ايندو آهي“.[8]

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي پي ٽي ويءَ جي ڊرامي ’ قربتون‘ جي ٽين قسط جي هڪ مڪالمي جو حوالو ڏيندي لکيو آهي ته ’ان ڊرامي جو ليکڪ اردو ٻوليءَ کان ڪيترو متاثر آهي، ان جو اندازو هن مڪالمي مان لڳائي سگهجي ٿو. ’ثنا جي ٻَچِي آيل آهي‘. اهو جملو سڌو سنئون اردوءَ جو ترجمو ٿيل آهي. اردوءَ ۾ ٻارڙيءَ کي ’ٻچي‘ چئبو آهي. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ ’ ٻَچِي‘ لفظ جي ڪا ٻي معني آهي“.[9]

نشري ادارن ۾ سنڌي گرامر جو خيال نه رکڻ جون شڪايتون به ڊگهي عرصي کان ٿينديون رهيون آهن. جيئن گرامر جي جري ۽ ندائي حالتن جو خيال نه رکڻ، مذڪر ۽ مؤنث جي معاملي ۾ لاپرواهي ڪرڻ وغيره. ٻيو ته سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي خاصيت اها به آهي ته هر لفظ ۽ اکر کي تمام گهڻي چٽائي سان اچاريو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ زير، زبر ، پيش ۽ شد، مد جو خاص خيال رکڻو هوندو آهي. پر نشري ادارن ۾ اُچارن تي خاص ڌيان نه ڏيڻ جي ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ بگاڙ پيدا ٿي رهيو آهي.

## خانگي ٽيلي ويزن چئنلن جي ٻولي:

پاڪستان ٽيلي ويزن تي سنڌي ٻوليءَ کي گهربل وقت ڏيڻ جي حوالي سان

سنڌ جي عالمن ۽ اديبن منڍ کان ئي ڪوششون ڪيون هيون، جنهن جي نتيجي ۾ هفتي ۾ هڪ ڀيرو 25 منٽن بدران روزانو هڪ ڪلاڪ سنڌي پروگرامن لاءِ مخصوص ٿيو. سنڌي ٻوليءَ سان محبت ڪندڙن پنهنجي جدوجهد جاري رکي ۽ جڏهن پي ٽي ويءَ جي نشريات 24 ڪلاڪ ٿي تہ سنڌي پروگرامن جو بہ وقت وڌايو ويو. اڳتي هلي جڏهن 2002ع ۾ پاڪستان ۾ سيٽلائيٽ ٽيلي ويزن چينلن جي شروعات ٿي تہ سنڌ جي ماڻهن کي اهو احساس ٿيو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ سيٽلائيٽ ٽيلي ويزن چينل هئڻ گهرجي. ان کوٽ کي محسوس ڪندي ”ڪي ٽي اين“ جو قيام عمل ۾ آيو. جنهن جي سنڌ جي ماڻهن وڏي آجيان ڪئي. اڳي سنڌي ٻولي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي بہ صرف سنڌ تائين محدود هئي، پر ڪي ٽي اين وسيلي اها دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي وئي. بعد ۾ سنڌ ٽي وي، ڪشش، مهراڻ، ڌرتي ۽ آواز ٽي وي ان سٽ ۾ شامل ٿي وئي. انهن ٽيلي ويزن چينلن جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ، سنڌي ٻولي ماجد پرڳڙيءَ جي ڪوشش سان ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي ٻولي ٿي چڪي هئي. تنهن ڪري انهن چينلن جي نشريات کانپوءِ اها اميد پيدا ٿي پئي تہ هاڻي سنڌي ٻولي وڌندي ويجهندي، ان جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ قدم کنيا ويندا. سنڌ جي ماڻهن جو خيال هو تہ ريڊيو پاڪستان ۽ پاڪستان ٽيلي ويزن سرڪاري ادارا آهن، انهن سنڌي ٻوليءَ جي ڀرپور خدمت نہ ڪئي آهي، پر هاڻي سنڌي سيٺپڪارن جا پنهنجا خانگي چينل ان سلسلي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندا.

خانگي سنڌي ٽي وي چينلن جي نشريات ڏسڻ کانپوءِ سنڌ جي ماڻهن ۾ ان ڳالهہ جو احساس پيدا ٿيڻ لڳو تہ اهي چينل سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ جو پڻ سبب بڻجي رهيا آهن، جنهن جو سبب اتي ويٺل ڪارڪنن جي اڻڄاڻائي، تڪڙ ۽ لاپرواهي آهي. انهن کي ٽي وي ڊرامي جي تياريءَ جي بنيادي ڳالهين جي بہ ڄاڻ ناهي، انهن کي اها بہ خبر ناهي تہ ڊرامي لاءِ ٻوليءَ جي اهميت ڪيتري آهي. ”اسڪرپٽ ۾ ٻولي ڪهڙي استعمال ٿيل آهي، آيا ڪردار (Character) ٿا ڳالهائين يا ليکڪ (Writer) ٿو ڳالهائي. گرامر جو وڏ ۾ وڏ خيال ڪرڻ گهرجي ۽ شوٽنگ وقت اداڪارن جا لهجا ۽ ٻوليءَ جي ٻيهڪ جي ذميواري بہ ڊائريڪٽر جي آهي. پر اڄ جي ڊائريڪٽرن جي لاپرواهيءَ سبب روزانو ڪوڙ جملا غلط اُچاريا وڃن ٿا“. [10]

سنڌي چينلن جي خبرن ۾ خبرون پڙهندڙن جا لهجا بہ تنقيد هيٺ ايندا رهيا آهن، جڏهن تہ سنڌي ڊرامن ۾ جيڪا ٻولي ڪتب آندي پئي وئي، اها ڪنهن بہ حوالي سان معياري نہ هئي. ان معاملي تي سنڌ جي ٻولي ماهرن، عالمن ۽ اديبن تنقيد ڪرڻ شروع ڪئي. خانگي سنڌي چينلن تي ٻوليءَ جي بگاڙ تي ڀرپور جامع تحقيقي مضمون / مقالو، رياضت برڙي لکيو. هو لکي ٿو تہ ”خانگي سنڌي ٽيلي ويزن چينلن تي مذڪر، مؤنث ۽ واحد، جمع جون غلطيون ڪيون وڃن ٿيون. اهي

غلطيون لڳ ڀڳ سڀني سنڌي چينلن تي عام آهن، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي صحت ۽ سهٽائپ تمام گهڻي متاثر ٿي رهي آهي. جهڙوڪ: 'منهنجِي دِل' (مؤنث) بدران، اردو ٻوليءَ جي اثر هيٺ 'منهنجو دل' (مذڪر ڪرڻ)، 'ڪتابَ' کي مذڪر ۽ واحد سمجهڻ بدران 'ميرِي ڪتاب' طور واحد ۽ مؤنث ڪرڻ ۽ ان جو جمع 'ڪتابون' ڪرڻ، 'موسمَ' کي 'موسمُ' (مذڪر) ڪرڻ. ايئن ئي 'ڪلاس' کي ٻه مذڪر ۽ واحد سمجهڻ بدران، 'ميرِي ڪلاس' طور واهپو ڪرڻ ۽ ان جو جمع 'ڪلاسون' ڪرڻ، ' اطلاعَ ' بدران ' اطلاعات' يا ' شرڪَ' بدران 'چرڪِ' ڪرڻ".[11]

ان کان سواءِ انگريزي لفظن جو جمع ٻه سنڌي طريقي بدران انگريزي طريقي سان ڪيو وڃي ٿو. جهڙوڪ: فورسز، منسٽرس، شوز، آفيسرس ۽ اپارٽمينٽس، وغيره. ان طرف ٻه ڌيان ڏيڻ جي گهڻي گهرج آهي ۽ واحد، جمع جا مقرر طريقا مروج ڪرائڻ سميت، مختلف اسمن جي حيثيت ٻه طَئي ڪرڻي آهي ته اهي مذڪر ۽ واحد آهن يا مؤنث ۽ جمع؟ مثال طور، سنڌ جي ڪجهه علائقن ۾ 'هوٽلَ' مذڪر ۽ جمع آهي ته ڪجهه علائقن ۾ 'هوٽلون' مؤنث ۽ جمع آهي، ڪٿي 'مارڪيٽ' مذڪر ۽ واحد آهي ته ڪٿي 'مارڪيٽون' مؤنث ۽ جمع آهي، ڪن هنڌن تي 'رزلٽِ' مؤنث ۽ واحد آهي ته ڪٿي 'رزلٽُ' مذڪر ۽ واحد آهي. ان حوالي سان هڪ معياري لهجي موجب، لفظن جي حيثيت کي مقرر ڪرڻ جي ذميواري واسطيدار ادارن ۽ فردن تي لازمي ٿي پوي ٿي. ٽي وي ڊرامن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو ڪتب نه آڻڻ جو مکيه سبب ڊرامي جا هدايتڪار آهن پر ان سلسلي ۾ ناٽڪ نويس جي ٻه بنيادي ذميواري آهي ته هو پنهنجي تخليق کي مرڻ نه ڏئي. عبدالقادر جوڻيجو سنڌ جو اهو ناٽڪ نويس آهي، جيڪو پنهنجي ڊرامي تي شروع کان آخر تائين مڪمل ڌيان ڏيندو آهي، ڊرامي جو مسودو لکڻ کانپوءِ اداڪارن جي چونڊ، ريهرسل، رڪارڊنگ، ايڊيٽنگ ۽ نشر ٿيڻ واري ڏينهن دوستن سان گڏجي ڏسڻ تائين هو ڊرامي سان سلهاڙيل هوندو آهي. تنهن ڪري سندس ڊرامن ۾ ٻولي ۽ ان جي لهجن جون اوڻايون نظر نه اينديون. "ٻوليءَ جي وياڪرڻي قانون ۽ ستاءَ موجب، هر ملڪ جي درسي ڪتابن، سرڪاري آفيسن، ڪورٽن جي فيصلن، اشاعتي ۽ موصلاتي ادارن يعني اخبارن، ريڊئي ۽ ٽيلي ويزن تي هميشه معياري لهجو ڪم آڻڻو آهي، اهو قانون، سنڌي ٻوليءَ سان ٻه لڳي ٿو، پر سنڌ ۾ انهيءَ اصول ۽ قانون تي ڪوبه ماڻهو توجهه نٿو ڏئي، سنڌي اخبارن، سنڌ جي ريڊيو اسٽيشنن ۽ ٽيلي ويزن جا ليکڪ يا پروگرامن ۾ حصو وٺندڙ خبرون پڙهندڙ توڙي درسي ڪتابن جا سبق لکندڙ ته اُلٽو اهڙن پروگرامن يا اخبارن ۾ پنهنجن پنهنجن خطن (علائقن) ۾ ڪم ايندڙ لهجا استعمال ڪندا رهن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ ٻوليءَ ۾ سڌاري بدران، بگاڙ وارو عمل وڌيڪ تيز نظر آيو آهي... ٽيلي ويزن ۽ ريڊئي تي ڪي ماڻهو 'خبرن' بدران

’ڪبرون‘ اُچاريندا آهن. ’خط‘ لفظ جي بدران ’ڪت‘ چوندا آهن. ’غلام‘ لفظ جي بدران ’ گلام‘ چوندا آهن، ۽ ’ غور‘ لفظ بدران ’ گور‘ چوندا آهن“. [12]

ڊاڪٽر الانا صاحب جنهن ڳالهه جي نشاندهي ڪئي آهي. اها صورتحال اڄ هر سنڌي ٽيلي ويزن ۽ ايف ايم چئنلن تي عام آهي. پاڪستان ٽيلي ويزن ۽ ريڊيو پاڪستان ان حوالي سان ٿورو گهڻو خيال ضرور رکن ٿا، پر اتي بہ آهستي آهستي سنڌي ٻوليءَ ۾ بگاڙ جو مسئلو پيدا ٿي رهيو آهي. خانگي ٽيلي ويزن چئنلن ۾ اسڪرپٽ جي شعبي تي جيڪڏهن ڌيان نہ ڏنو ويو ۽ ”اُچار چڪاسڻ وارو شعبو“ قائم ڪري ”معياري سنڌي لهجي“ کي هٿي نہ وٺرائي وئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي توڙي ٻوليءَ کي محفوظ رکڻ ڏکيو ٿي پوندو.

مٿئين بحث مان اها ڳالهه سامهون آئي تہ خانگي ٽي وي چئنلن تي سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ جا مکيہ ڪارڻ مان ڪجهہ هيٺ ڏنل آهن. جن تي ڌيان ڏئي ٽيلي ويزن وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي وڌائي سگهجي ٿو.

1) **خبرن واري شعبي ۾ اڻ سکيل اسڪرپٽ ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر:** سنڌي اخبارن توڙي ٽي وي چئنلن تي گهٽي پاڳي گهٽ معاوضي تي ملازم رکيا ويندا آهن، جن کي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي صحافت جي بنيادي ڄاڻ نہ هوندي آهي، ٻيو تہ گهٽ معاوضي سبب اهي هر وقت ٻي نوڪريءَ جي ڳولا ڪن ٿا، اهو ئي سبب آهي جو اهڙن ملازمن کي جڏهن بہ ڪجهہ وڌيڪ پگهار واري نوڪري آڇي ويندي آهي تہ اهي ان کي اوليت ڏيندا آهن. جنهن سبب مستقل طور سنڌي ميڊيا ملازمن جي کوٽ کي منهن ڏيندي پئي اچي.

2) **اردو ۽ انگريزي ميڊيم ۾ پڙهيل نيوز ريڊرز ۽ اينڪر پرسن:** جڏهن کان ون يونٽ جي ٻهراڙين ۽ ننڍن شهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ وارن اسڪولن ۾ معياري تعليم جو سلسلو ختم ٿي ويو آهي تہ خانگي اسڪولن انهن جي جاءِ والاري آهي، جتي تعليم جو معيار گهڻو سنو تہ ناهي پر سرڪاري اسڪولن کان چڱو آهي. انهن اسڪولن ۾ جيئن تہ سنڌي ٻولي پڙهائڻ جو ڪو بندوبست ناهي، تنهن ڪري اتان پڙهي نڪتل ٻار اڳتي هلي سنڌي ٻوليءَ کان محروم رهجي وڃن ٿا. سنڌي والدين جو اولاد هئڻ ۽ گهر ۾ سنڌي ماحول هئڻ سبب اهي سنڌي ڳالهائين تہ ٿا پر پڙهي، لکي نہ ٿا سگهن، پوءِ اهي جڏهن عملي ميدان ۾ اچن ٿا تہ انهن جي اها محرومي سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ جو سبب بڻجي ٿي. اهڙا ٻار شهري ماحول ۾ رهي جڏهن ٽيلي ويزن چئنل تي اينڪرپرسن (ميزبان) نيوز اينڪر (خبرون پڙهندڙ) يا اداڪار ٿين ٿا تہ انهن کي سنڌي ٻولي اُچارڻ نہ ٿي اچي، جنهن جي ڪري اهي غلط سنڌي اُچار کي ايترو تہ عام ڪري ڇڏين ٿا جو اهي هر ڪو استعمال ڪري ٿو. مثال طور: ”علا قو اساني، دکهي انسانيت، پهرين دفعہ“(سلام سنڌ، مارننگ

شو، 19 آگسٽ 2014). منهنجي ذاتي راءِ موجب سنڌي ٻوليءَ کي خطرو ڏارين مان نہ پر پنهنجن مان آهي.

3) **ٽي وي چئنلن جي ٻولي چڪاسڻ لاءِ مستقل بندو بست نہ هئڻ:** سڌريل قومون پنهنجي ٻولي، علم، ادب، ريتن، رسمن ۽ ثقافت جي تحفظ لاءِ ادارا قائم ڪري ان ڏس ۾ مستقل بنيادن تي چوڪسي ڪنديون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ترقيءَ لاءِ وقت بوقت ڪوششون ورتيون ويون آهن، ان سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، سنڌي ادبي بورڊ ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جهڙا ادارا قائم ڪيا ويا. جتي وينل سنڌي ٻوليءَ جي سڄڻن هميشہ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌي ٻولي اختياري سنڌي اخبارن جي مانيٽرنگ ڪندي رهي پر بدقسمتيءَ سان هاڻي اسان وٽ ڪو بہ اهڙو ادارو ناهي، جيڪو سنڌي ٽي وي چئنلن جي مانيٽرنگ ڪري. جنهن سبب سنڌي ٽي وي چئنل 24 ڪلاڪ ڊرامن، خبرن ۽ بحثن مباحثن ۾سنڌي ٻولي بگاڙي رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي مانيٽرنگ نہ ٿيڻ جي ڪري سنڌي ٽي وي چئنلن تي اردو ٻوليءَ جو واهپو وڌي رهيو آهي. مهراڻ ٽي ويءَ جي مارننگ شو 'صبح مهراڻ' ۾ ميزبان، مهمان کي مخاطب ٿي هن طريقي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ اردو ٻوليءَ کي شامل ڪيو. ”ابو، امي جي لاڏلي“. (صبح مهراڻ، مهراڻ ٽي وي، 19 آگسٽ، 2014). انهن چئن لفظن ۾ فقط هڪ لفظ ”جي“ سنڌي آهي. اهو تہ هڪ مثال آهي. باقي جيڪڏهن توهان سنڌي ٽي وي چئنلن جا مارننگ شو ڏسندا تہ انهن ۾ گهڻو ڪري ميزبان ۽ مهمان اردو گاڏڙ سنڌي ڳالهائيندا آهن. محترم غلام علي الانا صاحب جي ان سلسلي ۾ پنهنجي راءِ آهي. پر جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ گهربل لفظ موجود آهن، زبردستيءَ اردو ، انگريزي يا ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي لفظن جو سهارو وٺي تيزيءَ سان سنڌي ٻوليءَ کي بگاڙيو پيو وڃي. ڪنهن زماني ۾ ساڳئي ريت فارسي ۽ عربيءَ کي زبردستيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ڪيو ويو هو. هاڻي هڪ ٻيو مسئلو بہ سنڌي ٽي وي چئنلن جي پروگرامن ۾ تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، اهو اردو ڳالهائيندڙ مهمانن جي شرڪت آهي. اسان کي اردو ٻولي يا اردو ڳالهائيندڙن سان ساڙ يا نفرت ناهي. پر ڇا اردو ٽي وي چئنلن تي ڪنهن سنڌيءَ کي گهرائي ان سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ويندو آهي. ڇا جن موضوعن تي ڳالهائڻ لاءِ اردو ڳالهائيندڙ مهمانن کي گهرايو ويندو آهي، انهن موضوعن تي ڳالهائڻ وارا سنڌي موجود ناهن. ٻيو تہ سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي سنڌي ٻوليءَ کي گهربل وقت ڏيڻ لاءِ سنڌ جي عالمن، اديبن، سياسي اڳواڻن، دانشورن، استادن ۽ شاگردن سالن جا سال جدوجهد ڪئي، هاڻي جيڪڏهن ميڊيا جي ترقيءَ سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ 8 چئنل موجو د آهن تہ انهن تي حق صرف ۽ صرف سنڌي ٻوليءَ جو

آهي، ڇيڻ تہ ايئن گهرجي تہ انهن ٽي وي چئنلن تي اردو ڳالهائيندڙ مهمانن کي گهرائي، انهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو وڃي، جيئن اهي سنڌي سکن. اسان وٽ ماضيءَ ۾ پاڪستان ٽيلي ويزن جي سنڌي ڊرامن جا ڪيترائي مثال موجود آهن. جيئن ”خان صاحب“ کي اردوءَ ۾ ”ڇوٽي سي دنيا“، ”راڻيءَ جي ڪهاڻي“ کي ”ديوارين“ ۾ ترجمو ڪري هلايو ويو. ”ڇوٽي سي دنيا، ديوارين ۽ جنگل“ اهي ڊراما هئا. جن اردو ڊرامن تي اهڙو تہ اثر ڇڏيو جو اڳتي هلي گهڻن ڊرامن ۾ سنڌي ڳاڌڙ اردو ڪردار رکيا ويا. اهو سلسلو هاڻي بہ جاري آهي.

4) **خبرن جي معاملي ۾ هڪ ٻئي کان ڳوءِ کڻڻ:** اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ سخت مقابلي ۽ خبرن ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي نڪرڻ سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏيڪ بگاڙ پيدا ٿي رهيو آهي. سمورن ٽي وي چئنلن وٽ خبرن ڏاهڻ کان خبرن پڙهڻ تائين تڪڙ سبب ٻوليءَ جو خيال نہ ٿو رکيو وڃي.

5) **اردو ٽيلي ويزن چئنلن جي مانيٽرنگ جو اثر:** اردو ٻوليءَ جي اثر سبب سنڌي ٽي وي چئنلن تي ڪجهہ لفظن کي مؤنث بدران مذڪر ۽ مذڪر بدران مؤنث ڪري لکيو ۽ اُچاريو وڃي ٿو. جنهن جو مکيہ سبب خبرن واري شعبي ۾ گهٽ پڙهيل اسڪرپٽ ايڊيٽرز پاران اردو چئنلز جي مانيٽرنگ ڪري سنڌيءَ ۾ تڪڙيون خبرون ترجمو ڪرڻ آهي. ٻيو تہ اردو ڊرامن جي اثر سبب سنڌي ليکڪ بہ اردو لفظ استعمال ڪن ٿا. انجنيئر احسان احمد عرساڻي ”چٽنگ“ رسالي جي جون 2000 واري شماري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وڌندڙ بگاڙ جا ڪجهہ مثال ڏنا آهن. ”(الف) آواز اچي پئي. (ب) منهنجو دل نہ ٿو چوي. (پ) اڄ موسم سٺو آهي. (ت) هيءَ ڪتاب پنهنجي آهي. (ٿ) مون کي اطلاع نہ ملي.“ [13]

6) **سنڌي ٻوليءَ سان محبت ۽ مالڪيءَ واري تصور جي کوٽ:** جڏهن سنڌي ماڻهن وٽ تفريح ۽ معلومات جي لاءِ فقط هڪ ٽي وي چئنل پاڪستان ٽيلي ويزن هو، تڏهن سنڌي ٻوليءَ جي پروگرامن لاءِ وڌيڪ وقت مخصوص ڪرڻ لاءِ مطالبا ٿيندا رهندا هئا. اڳتي هلي جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي ٽي اين (2002ع) ۽ سنڌ ٽي وي (2004ع) نشريات شروع ڪئي تہ سنڌي ماڻهن کي سالن پراڻو خواب ساڀيان ٿيندي نظر آيو. سنڌي ماڻهن پنهنجي کيسي مان پيسا ڏئي ڪي ٽي اين کي بند ٿيڻ کان بچايو، پر اڳتي هلي اهي ٽي وي چئنل سنڌ جي ماڻهن جي اميدن تي پورا نہ لٿا. انهن ٽي وي چئنلن جي سيٺ ڪارن سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي فقط ڪمائيءَ جو ذريعو بڻايو، ٻوليءَ سان محبت ۽ مالڪي واري تصور جي کوٽ سبب سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي هٿ وٺي تباهہ ڪيو ويو.

7) **سرڪاري ۽ خانگي ٽي وي چئنلن تي اسڪرپٽ ايڊيٽر جي کوٽ:** جنهن دؤر ۾ پاڪستان ٽيلي ويزن جي سنڌي ڊرامن ڏيهان ڏيهہ مقبوليت ماڻي تنهن دؤر ۾

سنڌي ٻوليءَ جا محافظ سنڌ جا عالم، اديب ۽ پڙهيل لکيل پروڊيوسر هئا. جڏهن تہ ممتاز مرزا پنهنجي ساٿين فيض ٻگئي، بادل جمالي ۽ غلام حيدر شيخ سان گڏجي ڊرامن توڙي ٻين پروگرامن ۾ نج سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي يقيني بڻايو. پر هاڻي پي ٽي ويءَ سميت سمورن خانگي ٽي وي چئنلن ۾ اسڪرپٽ ايڊيٽر جي کوٽ آهي. جنهن سبب ناٽڪ نويسن جي ٻولي ۽ اداڪارن جي اُچارن کي ڪو بہ چڪاسڻ وارو ناهي.

8) **هندستاني ڊرامن جو وڌندڙ اثر:** ڪجهہ وقت اڳ تائين هندستاني فلمن ۽ ڊرامن کان متاثر ٿي ڊراما لکڻ عيب سمجهيو ويندو هو. پر هاڻي اردو توڙي سنڌي ٽي وي چئنلن تي هندستان جي ٽيلي ويزن چئنلن کان متاثر ٿي، ڊراما لکڻ عام ڳالهہ آهي، جيڪي نہ تہ سنڌي ماحول ۽ نہ وري ثقافت موجب آهن، اهڙا ڊراما نج ڪاروباري بنيادن تي ڏيکاريا وڃن ٿا. اهڙن ڊرامن لاءِ ليکڪ بہ لاهور جا غير سنڌي ڳوليا وڃن ٿا. جن ۾ محمد طارق جهڙو ناٽڪ نويس مکيہ آهي.

9) **گهٽ معاوضي سبب سٺن ليکڪن پاران خانگي چئنلن پاران ڊراما نہ لکڻ:** هن وقت ٽي وي سڀ کان وڌيڪ تيز ترين تفريح ۽ معلومات جو ذريعو آهي. اڳي جيڪي بہ سنڌي ناٽڪ نويس پي ٽي ويءَ لاءِ سنڌي ڊراما لکندا هئا. اهي خانگي ٽي وي چئنلن لاءِ ڊراما ان ڪري نہ ٿا لکن جو انهن کي معاوضو نہ ٿو ملي.

10) **اڻ سکيل هدايتڪار:** خانگي سنڌي ٽي وي چئنلن تي ڊرامن جو شعبو، گهٽ پڙهيل هدايتڪارن حوالي ٿيل آهي، جن کي سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻ ناهي. جنهن جي ڪري اهي نہ تہ اسڪرپٽ ڏسن ٿا نہ وري رڪارڊنگ وقت اداڪارن جي تلفظ جو خيال رکن ٿا.

11) **اسڪرپٽ کانسواءِ ڊراما ٺاهڻ:** هاڻي گهڻو ڪري ڏٺو ويو آهي تہ سنڌي ڊرامن لاءِ اسڪرپٽ نہ ٿو لکيو وڃي. رڪارڊنگ وقت ڊرامي جي منظر موجب فنڪار گڏ ٿين ٿا ۽ پاڻ ۾ بحث ڪري رڪارڊنگ شروع ڪن ٿا، پوءِ جنهن کي جيڪو وڻي ٿو، سو ڳالهائي ٿو ۽ اهڙيءَ ريت ڊرامو تيار ٿئي ٿو.

12) **ادارن جو نہ هجڻ:** سنڌ جي ماڻهن جي اها وڏي بدقسمتي آهي، جو انهن وٽ ادارا جوڙڻ لاءِ ماڻهو نہ رهيا آهن، جيڪي ٿورا گهڻا ماڻهو ادارا ٺاهي سگهن ٿا، انهن کي سيڙپڪار برداشت نہ ٿا ڪن.. سنڌي ٽي وي چئنلن جي مالڪن جي اها سوچ تہ ”اهي ئي هر ڪم جا ماهر آهن“ سبب هن وقت تائين ڪوبہ ٽي وي چئنل اداري جي شڪل اختيار نہ ڪري سگهيو آهي. اهي مالڪ سمجهن ٿا تہ هنن کان وڏو ٻيو ڪو ليکڪ، پروڊيوسر، هدايتڪار ۽ اينڪر پرسن ناهي.

13) **اليڪٽرانڪ ميڊيا جي طاقت جي خوف سبب سنڌي ٽي وي چئنلن تي اصلاحي تنقيد نہ ٿيڻ:** اليڪٽرانڪ ميڊيا هن وقت انتهائي سگهارو ذريعو بڻيل آهي.

جنهن جي ڪري ان جي غلطين جي نشاندهي نہ ٿي ٿئي، جيڪڏهن نشاندهي ٿئي بہ ٿي تہ اها ايتري اثرائتي ناهي. جيڪڏهن سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي بگاڙ وارو معاملو انهن چئنلن آڏو اجتماعي طور اٿاريو وڃي تہ انهن جو ڪڙتيل ضرور نڪرندو. تنهن ڪري اسان ڪي سنڌي ٽي وي چئنلن جي غلطين خاص طور تي ٻوليءَ جي بگاڙ وارو مسئلو اٿارڻو پوندو ٻيءَ صورت ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي جيڪو نقصان رسندو، ان جو ازالو ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهندو. ان حوالي سان سنڌي ٽي وي ناٽڪن جي باني شمشير الحيدريءَ پنهنجي هڪ يادگار انٽرويوءَ ۾ چيو هو تہ ”ٻولي ۽ ڪلچر جو معاملو نهايت نازڪ آهي، ان لاءِ تہ ڪورٽ وڃي سگهجي ٿو. ڪلچر کي ايئن بگاڙڻ قانوني ڏوهہ آهي، پر ٻليءَ کي گهنٽي ڪير ٻڌي؟ اسان جي علم وارن ۾ مزاحمت نہ رهي آهي. وٽن ڪابہ همت ڪونهي. اهي مصلحت جو شڪار ٿي ويا آهن. اهي انهن چئنلن خلاف ڪو آواز اٿاريندا تہ پوءِ سندن پذيرائي ڪيئن ٿيندي. انهن کي ڪوريج کپي. ٻولي ۽ ڪلچر سان انهن جو ڇا وڃي؟ سچ چوڻ وارا تہ مري ويا آهن“. [14]

**حوالا:**


1. ڪاشميري حميد، ٽيلي ويزن ڊراما (مضمون)، سرسيدين چوٿون جلد: 1986ع، ص. 226
2. بلوچ عبدالڪريم، ٽيلي ويزن ڊراما نگاري(مضمون) ، آخري رات (ليکڪ ممتاز مرزا)، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1979ع، ص. 273
3. ساڳيو. 274
4. الانا غلام علي ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2006ع، ص. 446، 447
5. جويو تاج، سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال (مرتب: تاج جويو)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2009، ص. 11
6. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر،سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال (مرتب: تاج جويو)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2009، ص. 210
7. جامڙو ڪمال ڊاڪٽر، سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال (مرتب: تاج جويو)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2009، ص. 86
8. ساڳيو، ص. 88
9. ساڳيو، ص. 88
10. گاد ايوب، ٽيلي ناٽڪ ڪيئن ناهجي، ڪنول پبليڪيشن لاڙڪاڻو، 2011ع. ص. 27
11. ٻرڙو رياضت: http://www.sindhsalamat.com/threads/19266
12. الانا غلام علي ڊاڪٽر، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، 2006ع. ص. 448،447
13. عرساڻي احسان احمد انجنيئر، لسانيات ڪان سماجي لسانيات تائين، چٽنگ رسالو، جون 2000ع، ص. 12